REFUGEE GIRLS
Worldwide

موسمياتي ۽ جديد طريقن سان فصلن جي پوکي بابت تربيت



تربيتِي ڪتابچو

هن منصوبي جو اصل مقصد ضلعي بدين جي يوسي ڏاڏاھ، سانگي فراھو جي ٻوڏ ستايل ٻھراڙي جي پنجھترھارين جي زراعت ۽ مال جي سارسنڀال تحت چونڊ ڪرڻ ۔

آر،جي، ڊبليو ۽ مالٽن مسجد جي مالي سھڪارسان ھارين کي امداد لاءِ ھر ڳوٺ ۾ جتان پنجھترھارين جي چونڊ ڪئي وئي ۔

- انھن ڳوٺن ۾ ڏھ ھاري تنظيمون ٺاھڻ ۔
- پنجھترھارين کي زرعي اوزارن ۽ اسپري مشين ،يوريا پاڻ جون چار ٻوريون في ٻوري پنجاھ ڪلو ۽ ھڪ پوٽاش في ڪلو ٻوري پنجھ ڪلو جي امداد مھيا ڪرڻ ۔
- ست سئو جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽڪا لڳائڻ ۔
- موسمياتي تبديلين کان بچڻ لاءِ فصلن جي جديد طريقي سان پوکي ڪرڻ ۔
- چوپائي مال جي سارسنڀال ۽ پالنا لاءِ تربيتون ڏئي ھارين جي صلاحيتون وڌائڻ ۔

مالي معاونت ڪندڙ ادارو

رفيوجي گرلس ورلڊوائيڊ (RGW) ۽ مالٽن مسجد (Malton Masjid)

تحرير:

بينظير ڪنير

منصوبي جو تعارف

هي هڪ اهڙو منصوبو آهي جنهن جو مقصد پنجهترهارين کي زراعت ۽ جانورن جي پالنا ۽ ان جي سارسنڀال لاءِ تربيت ۽ ست سئو جانورن کي بيمارين کان بچاءُ لاءِ ٽڪا لڳرائڻ ۽ هارين کي بااختيار بنائڻ ۽ جيئن موسمياتي تبديلين کان بچاءُ لاءِ جديد طريقي سان پوکي ڪري سگهن.

آرجي دبليو ۽ مالٽن مسجد جي مالي سهڪارسان هي منصوبو پنجهترهارين کي زراعت کي بهترڪرڻ لاءِ جديد طريقي سان فصلن جهڙوڪ ڪڪڙ ، توريو ۽ سورج مکي جي پوکي ڪرڻ ۽ مال مويشي جي وقت سرسنڀال رکڻ ۽ ٽڪا لڳرائڻ ۽ جيئن بيمارين کان بچاءُ وقت تي ٿي سگهي.

پنجهترهارين جي چونڊ ڪرڻ لاءِ اهي هاري اهل هيا جنهن جي زمين اڌ ايڪڙ کان ٻن ايڪڙن تائين هئي ۽ زمين جو ستون فارم موجود هيو .

- جيڪي پنهنجي زمين ۾ ڪڪڙ، توريو ۽ سورج مکي پوکيندڙهئا .
- جنهن جي ماهوار آمدني پندرنهن هزار تائين هئي .
- پنج سالن کان گهٽ عمر وارن ٻارن يا بزرگن تي پاڙيندڙ ڪٽنب .
- اهي هاري جنهن کي ٻوڏ کان پوءِ ڪابه مدد نه ملي هئي .

1. پنجهترهارين کي زرعي اوزارن جي فراهمي جنهن ۾ ٻه ڪوڏار، ٻه رنبيون، ٻه ڏانٽا ، هڪ ڏاندار ۽ اسپري مشين .
2. پنجهترهارين کي يوريا ٻاڻ جون چار ٻوريون في ٻوري پنجاهه ڪلو ۽ هڪ پوٽاش في ڪلو ٻوري پنجويهه ڪلو جي گرانٽ مهيا ڪرڻ.
3. پنجهترهارين جي ست سئوجانورن کي بيمارين کان بچاءَ جاٽڪا لڳائڻ.

زراعت

زراعت معيشيت جو اهو شعبو آهي جنهن جو تعلق زمين مان پيداوار حاصل ڪرڻ آهي، جيئن ڪپهه، ڪڻڪ، ڪمند وغيره جي پيداوار. ماڻهن جو دارومدار زراعت تي آهي جنهن جي ڪري اسان جي خوراڪ جي ضرورت پوري ٿئي.







پوکيءَ کان اڳ زمين جي تياري

زمين جي تياري اهڙي نموني ڪجي جيئن گندگاهه جي ٻوٽن جو خاتمو ٿي وڃي ان زمين کي ٻه يا ٽي هرڏجن هرڏيڻ کانپوءِ ڀترڀڃي گندگاهه جي ٻوٽن جي پاڙن کي هٿن سان گڏ ڪري ساڙڻ گهرجن سڪيءَ جي هرن ڏيڻ سان گڏوگڏ نه صرف گندگاهه جا ٻوٽا ختم ٿي ويندا.

ان کي سج جي روشني ملي ٿي ۽ جيتن جا آنا ۽ ٻچا وغيره پڻ ظاهر ٿي ختم ٿي وڃن ٿا هموار زمين ۾ پاڻيءَ ۽ ڀاڻ جي هڪجهڙي ورڇ ٿئي ٿي هن وقت زمين جي تياري ٽريڪٽرن جي زريعي ڪئي وڃي ٿي ان جون قيمتون تيزيءَ سان وڌي رهيو آهن تنهڪري زمين جي تياري زمين جي حالتن ۽ فصل جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي ڪئي وڃي ٿي.







ٻج جي اهميت

ڪامياب فصل لاءِ ضروري آهي ته سٺي ٻج جو استحمال لازمي آهي سٺي ٻج ۾ هيٺيون خاصيتون هجڻ ضروري آهي.

1. ٻج صاف هجي.
2. ٻج ۾ ڇمڻ جي صلاحيت وڌيڪ موجود هجي.
3. ٻج بيمارين کان آجا هجن.
4. ٻج سٺي وڌيڪ پيداوار ڏيندڙ جنس جا هجن.













بج جا فائدا

- وقتائتي پوکيءَ سان پيداوار سٺي ٿئي ٿي.
- وڌن خرچن کان بچي سگھجي ٿو.
- سٺي بج سان پيداوار سٺي ملي ٿي.
- فصلن کي بيمارين ۽ جيت بج جي خرابيءَ جي ڪري لڳن ٿا.





پوکيءَ جو وقت يا موسمون

قدرت جي هن خلقيل دنيا ۾ موسمن جي تبديليءَ جون چار موسمون آهن ان ۾ وري مختلف فصلن کي پوکڻ لاءِ به زراعت جي لحاظ کان موسمن جي قيرقار رکيل آهي جنهن ۾ فصل پوکيا وڃن ٿا.



زراعت جي لحاظ کان پوکيءَ جون به موسمون آهن

ڪتي



ڇيٽ



پاڻي

- پاڻي جي اهميت انساني جياپي لاءِ تمام اهم آهي پاڻي جي ضرورت هر ساهواري کي پئي ٿي جنهن ۾ انسان ، جانور، ٻوٽا اچي وڃن ٿا پوکيءَ جي لاءِ ضروري آهي ته فصل کي پاڻي وقت سر ڏنو وڃي جيئن فصل جي ضرورت به پوري ٿئي ۽ ان جي پيداوار به وڌي .
- پاڻي جي مناسب مقدار ۾ ضرورت مطابق استعمال سان ئي هن دولت کي گهٽي عرصي تائين استعمال ڪري سگهون ٿا ان لاءِ ضروري اهي ته زمين جي سنوت، واٽر ڪورسن جي سڌائي ۽ صفائي، گهٽ پاڻيءَ جي گهرج وارن فصلن جي پوکي، وقتائتو پاڻيءَ جو استعمال جي طريقن جي چونڊ ڪرڻي پوندي ايئن پاڻيءَ جو زيان گهٽ ٿيندو .







زراعت ۾ پاڻ جو استعمال

اسان جي ملڪ ۾ معشيت ۽ آبادي جي غزائي ضروريات جو دارومدار زراعت تي آهي. جنهن جي ڪري زمين ۾ بار بار هڪ ئي فصل پوکيو وڃي ٿو. جنهن سان زمين ۾ نامياتي ۽ غير نامياتي جزن جي گھٽتائي ٿي ويندي آهي ان لاءِ ضروري آهي ته اهڙا سائي گاھ وارا فصل برسيم پوکيا وڃن ۽ وڻاڻ جو پاڻ ڏنو وڃي ان سان زمين جي زرخيزي وڌي ٿي ۽ ڪوشش ڪري ڪيميائي پاڻ گھٽ استعمال ڪيو وڃي.





فصل جي سا رسنپال

ڪنهن به فصل جي پيداوار وڌائڻ لاءِ ضروري آهي ته ان کي هر گندگاھ، بيمارين ۽ جيتن جي حملن کان فري رکجي ان لاءِ فصل جي سا رسنپال جي لاءِ ضروري آهي ته ان کي هر شيءِ کان بچايو وڃي جيئن ايندڙ نقصان کان بچي سگھجي.







لاباري جو وقت

هارين کي گهرجي ته فصل جو لابارو وقت تي ڪن جيئن پيداوار ۾ گهٽتائي نه اچي فصل جي پو ڪيءَ کان ويندي لاباري تائين ، ٽريشر کان و ٺي چنڊائي تائين ان جو خيال ڪيو وڃي ۽ ان کي محفوظ ڪري وقت تي مارڪيٽ تائين رسايو وڃي





REFUGEE GIRLS

Worldwide